# اعليٰ حضرت

## عالمِ باعَمَل

**06 August 2026**



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

6 آگسٽ 2026ع (مطابق: 22 صفر شريف 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اعليٰ حضرت عالمِ باعمَل

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... اعليٰ حضرت ۽ تائيدِ رَباني
- ... سادگي ۽ عاجزيءَ وارا
- ... وفات تائين صاحبِ ترتيب
- ... اعليٰ حضرت سان محبت ڪريو!

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ الله

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ جا وَلي، عاشقِ نبي، نائبِ غوثِ جَلي، مجددِ دينِ مصفطوي، سيدي و مرشدي اعليٰ حضرت الشاھ امام احمد رضا خان رَحمةُ اللهِ عَلَيه پنهنجي جڳ مشهور فتاويٰ اَلْعَطَايَا النَّبَوِيَّةُ فِي الْفَتَاوٰى الرَّضَوِيَّةُ المعروف **فتاويٰ رضويہ** جي 23 جِلد ۾ ڏاڍي پياري روايت نقل ڪئي آهي. لکن ٿا تہ:

حضرت ابو مواهب رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: تہ مان الله پاڪ جي سيني ڪان آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَآلِهِ وَسَلَّم کي خواب ۾ ڏٺو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَآلِهِ وَسَلَّم خواب ۾ ئي مون کي فرمايو: اي ابو مواهب! قيامت جي ڏينهن تون هڪ لک ٻانهن جي شفاعت ڪندين. مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَآلِهِ وَسَلَّم! مان اِن جي قابل ڪيئن بڻيس؟ تہ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَآلِهِ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: تون جيڪو مون تي درود پڙهندو آهين، ان جو ثواب مون کي موڪلي ڇڏيندو آهين. (هي شان ان نيڪ ۾ اعليٰ عمل جو نتيجو آهي).[1]

[1] فتاوىٰ رضويہ، جلد:23، صفحہ:122-123۔

مجھ سے بے کس کی دولت پہ لاکھوں درود
ہم غریبوں کے آقا پہ بے حد درود

مجھ سے بے بس کی قوت پہ لاکھوں سلام
ہم فقیروں کی ثَروَت پہ لاکھوں سلام[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (2)

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ بااَدَب ويهندس ◈ خوب توجه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ 22 صفر شريف آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! 25 صفر شريف تي ◈ عاشقن جي امام ◈ سُنّين جي امام ◈ باعمل عالم، بلڪ باعمل عالمن جي امام ◈ عبادت گذارن جي امام ◈ زاهدن جي امام ◈ اهلِ تقويٰ جي امام ◈ مُجدِد، مُفسِر، مُحَدِث، تمام وڏي عالم، انتهائي ذهين (*Intelligent*) مفتي، قرآن پاڪ جي حافظ ◈ ۽ سيني کان وڏيڪ هي تہ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي سچي عاشق، يعني اعليٰ حضرت امام

[1] حدائقِ بخشش، صفحہ:297-298 ملتقطاً۔
2... بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

احمد رضا خان رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ جو عرسِ مبارڪ ملهايو ويندو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ! پاڻ اهڙي شان وارا عالم هئا، جو ◈ پاڻ فتنن جا سِرَ قلم ڪيائون ◈ بدمذهبيءَ جو زور ٽوڙي ڇڏيائون ◈ بدعقيدگين جو خاتمو ڪيائون ◈ اصل اسلامي عقيدن جي صحيح تشريح فرمائي ◈ اسلامي عقيدن تي ◈ اسلام جي اعليٰ تعليمات تي◈ قرآن پاڪ جي عزت ۽ حرمت تي◈ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي عزت ۽ ناموس تي پهرو ڏنائون ◈ بدعتن کي مٽايائون ◈ سنتن کي عام ڪيائون ◈ معاشري (*Society*) جي اصلاح فرمايائون ◈ ماڻهن کي عشقِ رسول جا جام ڀري ڀري پياريائون ۽ ◈ اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ! دين جو جهنڊو بلند ڪري ڇڏيائون.

| | |
|---|---|
| تُونے باطِل کو مِٹایا اے امام احمد رضا! | دِین کا ڈَنکا بَجایا اے امام احمد رضا! |
| زورِ باطِل کا، ضَلالت کا تھا، جس دَم ہند میں | تُو مجدِّد بَن کے آیا، اے امام احمد رضا! |
| اہلِ سنّت کا چمن سر سبز تھا، شاداب تھا | تازگی تُو اور لایا، اے امام احمد رضا! |
| تُونے باطِل کو مِٹا کر دِین کو بخشی جِلا | سنّتوں کو پھر جِلایا اے امام احمد رضا! (1) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## الله پاڪ جي مدد ۽ تائيد

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪن ماڻهن جي ذهن ۾ هيءَ ڳالهه اچي سگهي ٿي ته ◈ هڪ انسان ۾ ايتريون خوبيون ڪيئن ٿي سگهن ٿيون؟ ◈ هڪڙو اڪيلو انسان ڪيئن ايترن محاذن سان مهاڏو اٽڪائي سگهي ٿو؟ ◈ ڪهڙي طرح

1…وسائلِ بخشش، صفحه:525۔

هڪڙو انسان ايترن فتنن کي منهن ڏئي سگهي ٿو؟

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ! اهو سڀ ڪجهه الله پاڪ جي تائيد ۽ نصرت سان بيشڪ ممڪن آهي. الله پاڪ سيپارو 28، سورة مُجَادَلَة جي آيت 22 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اُولٰٓـئِكَ كَتَبَ فِیۡ قُلُوۡبِهِمُ الۡاِیۡمَانَ وَاَیَّدَهُمۡ بِرُوۡحٍ مِّنۡهُ ؕ

(پارو 28، سورة مُجَادَلَة: 22)

ترجمو ڪنزالعرفان: هي اهي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح جي ذريعي انهن جي مدد ڪئي

يعني جيڪي ڪامل ايمان وارا آهن، جن کي پنهنجي رب ڪريم تي ڀروسو آهي، ان جي تائيد ۽ نصرت تي يقين آهي، پوءِ الله پاڪ بہ **(1):** انهن جي دلين تي ايمان نقش فرمائي ڇڏيندو آهي **(2):** ۽ پنهنجي طرفان هڪ روح (مثلاً رُوحُ القُدس حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام) جي ذريعي انهن جي خاص مدد ۽ تائيد فرمائيندو آهي.

## اعليٰ حضرت ۽ تائيدِ رَبانِي

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ! هي ٻئي وصفون **(1)** مضبوط ايمان **(2):** تائيدِ رباني (يعني الله پاڪ جي خاص مدد ۽ نصرت)، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي پاڪ سيرت ۾ گڏو گڏ نظر اچن ٿيون. مثال طور: ◈ صرف 4 سالن جي عمر ۾، جڏهن ٻار کي اڃان صحيح نموني ڳالهائڻ بہ نہ ايندو آهي، پاڻ ناظره قرآن پاڪ مڪمل ڪري چڪا هئا ◈ 6 يا 7 سالن جي عمر ۾، وڏي ميڙ ۾ عالمن ۽ مشائخ جي موجودگيءَ ۾ تقرير فرمائي رهيا هئا ◈ 8 سالن جي عمر ۾، درسِ نظامي ۾

پڙهائي وجڻ واري عربي ڪتاب تي عربي زبان ۾ حاشيو لکي رهيا هئا.[1]
◈ 13 سال، 10 مهينا ۽ 4 ڏينهن جي مبارڪ عمر ۾ پاڻ پهرين فتويٰ تحرير فرمايائون ۽ باقاعده مفتيءَ جي مَسند تي جلوه افروز ٿيا. [2] ◈ دل جي صفائي جي لاءِ صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا تہ 80 سالن جي محنت درڪار هوندي آهي. [3] هي خوبي پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ کي 22 سالن جي مبارڪ عمر ۾ حاصل ٿي وئي هئي. پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ شاهہ آلِ رسول رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جي خدمت ۾ بيعت جي لاءِ حاضر ٿيا تہ حضرت صاحب پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ کي نہ صرف بيعت ڪيو بلڪ پنهنجي خلافت سان نوازيندي حاضرين کي فرمايائون: احمد رضا صاف شفاف دل کڻي بلڪل تيار ٿي آيا آهن، انهن کي تہ صرف نسبت جي ضرورت هئي. [4]

| | |
|---|---|
| ایک سچا عاشقِ نورِ مجسّم بولیے | اُن کو اُن کے عہد کا سالارِ اعظم بولیے |
| جن سے ہوں آباد علم و آگہی کی بستیاں | ہیں جنم لیتی کئی صدیوں میں ایسی ہستیاں |

*-*-*-*

| | | | |
|---|---|---|---|
| خائفِ کبریا | ہیں رضا، ہیں رضا | عاشقِ مصطفٰے | ہیں رضا، ہیں رضا |
| صوفیِ باصفا | ہیں رضا، ہیں رضا | صاحبِ اِتّقا | ہیں رضا، ہیں رضا |
| عاشقِ اولیا | ہیں رضا، ہیں رضا | زینتِ اَتْقیا | (5) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1…فيضان اعلیٰ حضرت ، صفحہ:85و 86 ملتقطًا خلاصةً۔
2…حيات اعلیٰ حضرت، صفحہ:171۔
3…ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:59۔
4… فيضان اعلیٰ حضرت، صفحہ:317خلاصةً۔
5… وسائلِ فردوس، صفحہ:62 ملتقطاً۔

## فانُوس ۾ اِرنڊيءَ جو تيل

پيارا اسلامي ڀائرو! عالم هجڻ وڏي شان جي ڳالهه آهي، پر عالم جي لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه هيءَ آهي ته هُو باعمل هجي. پياري آقا، مڪي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هِمَّةُ الْعُلَمَاءِ الرِّعَايَةُ يعني علم وارن جي هيءَ ذميواري آهي ته (سندن قول ۽ فعل ۾ تضاد نه هجي، بلڪ) هُو پنهنجي علم تي عمل ڪن.[1]

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ! اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ باعمل عالِمِ دين هئا. اچو سندن هڪ واقعو ٻڌون ٿا: پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دور ۾ بجلي ايتري عام نه هئي، ماڻهو ڏيئا ۽ لالٽين يعني فانوس (*Lantern*)وغيره ٻاريندا هئا. فانوس کي آسانيءَ سان سمجهڻ لاءِ ائين ڪٿي چئجي ته هي هڪ ننڍڙو ليمپ هوندو هو، جنهن ۾ تيل وجهي ٻاريندا هئا، ماڻهن جو معمول اِهو هو ته هُو فانوس ۾ گاسليٽ وِجهي ٻاريندا هئا، جنهن جي ٻرڻ سان بدبوءِ پکڙجندي هئي، جڏهن ته ڏيئن ۾ اڪثر ڪري سرنهن يا اِرنڊيءَ جو تيل يعني (*Castor Oil*)وڌو ويندو هو، جنهن جي ڪري انهن مان بدبوءِ نه ايندي هئي. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فتويٰ اِها آهي ته: **مسجد ۾ گاسليٽ ٻارڻ جائز نه آهي، ڇو ته مسجد کي بدبوءِ کان بچائڻ واجب آهي**.[(2)]

تنهنڪري اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه جي جيڪا مسجد هئي، اتي فانوس نه ٻاريو ويندو هو، پر ڏيئو ئي ٻاريو ويندو هو. هڪ ڀيري ائين ٿيو جو رات جو وقت هو، مينهن به وسي رهيو هو ۽ هوا به هلي رهي هئي. اهڙي حالت ۾ ڏيئي کي ٻرندو رکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. بار بار ڏيئو ٻاريو پئي ويو پر هر

---

[1] جامع صغير، صفحه:570، حديث:9598- تنوير شرح جامع صغير، جلد:11، صفحه:24-
2 ...فتاوىٰ رضويه، جلد:8، صفحه:102مفهوماً-

بار وسامي پئي ويو، بار بار ٻارڻ ۾ هڪ ڏکيائي اِها بہ هئي تہ ماچس جي تيلي ۾ جيئن تہ گندرف هوندو آهي، جنهن کي ٻارڻ سان، جيتوڻيڪ ڪجھ سيڪنڊن لاءِ ئي صحيح، پر بدبوءِ ضرور پيدا ٿيندي آهي، تنهنڪري مسجد ۾ ماچس ٻارڻ بہ منع هو. هاڻي مينهن، هوا، اهڙي حالت ۾ بار بار مسجد کان ٻاهر وڃڻ، ماچس جي تيليءَ سان ڏيئو ٻارڻ ۽ پوءِ وڏي احتياط سان ان کي اندر ڪٺي اچڻ، هڪ ڏکيو ڪم هو.

اعليٰ حضرت جي خادم، حاجي ڪفايت الله صاحب، هن مسئلي جو حل هن طرح ڪڍيو جو فانوس ڪٺي ان ۾ گاسليٽ وجهڻ بدران ارنديءَ جو تيل وِڌائون تہ جيئن بدبوءِ پيدا نہ ٿئي. ۽ اُن کي ٻاري مسجد ۾ رکي ڇڏيائون. فانوس ۾ شيشو لڳل هوندو آهي، جنهن ڪري اُهو هوا جي سبب وِسامندو نہ آهي.

اعليٰ حضرت رَحمَةُاللهِعَلَيه مسجد ۾ تشريف ڪٺي آيا، جڏهن سندن نظر فانوس تي پئي تہ جلال مان فرمايائون: حاجي صاحب! توهان ڪيترائي ڀيرا اِهو مسئلو ٻڌو هوندو تہ مسجد ۾ بدبودار تيل نہ ٻارڻ گهرجي. عرض ڪيائون: حضور! هن فانوس ۾ اِرنديءَ جو تيل آهي فرمايائون: اچڻ وڃڻ وارا ماڻهو اِها ڳالھ ڪيئن سمجهي سگهندا؟ هُو تہ اِهوئي چوندا تہ ٻين کي فتويٰ ڏني وڃي ٿي تہ: **مسجد ۾ بدبودار تيل نہ ٻاريوءِ پاڻ وري فانوس ٻاري رهيا آهن.** (1)

وڌيڪ فرمايائون تہ جيڪڏهن اِرنديءَ جو تيل وجهي ئي فانوس ٻارڻو آهي تہ ان جو هڪ طريقو هي آهي تہ لالٽين جي پرسان بيهي مسلسل اعلان ڪندا رهو تہ هِن ۾ ارنديءَ جو تيل آهي، هن ۾ ارنديءَ جو تيل آهي. تہ جيئن اينڌڙ وينڌڙ ماڻهن کي بدگماني نہ ٿئي، حاجي ڪفايت الله صاحب جڏهن اِها ڳالھ

---

1⋯ فيضانِ اعلیٰ حضرت ،عادات و معمولات، صفحہ:121 مفصلاً۔

ٻڌي تہ حڪم تي عمل ڪندي فوراً فانوس وِسائي ڇڏيائون. (1)

تمہاری شان میں جو کچھ کہوں اُس سے سِوا تم ہو
قَسیم جامِ عِرفاں اے شَہ احمد رضا تم ہو
عیاں ہے شانِ صدیقی تمہاری شانِ تَقْویٰ سے
کہوں اَتْقٰی نہ کیوں کر جبکہ خَیْرُ الْاَتْقِیاء تم ہو

**وضاحت:** اي منهنجا پِير و مرشد توهان جي شان ۾ جيڪي ڪجھ بہ چيو وڃي، توهان جو شان ان ڪان گھڻو مٿي آهي، توهان تہ الله پاڪ جي معرفت جا جامَ ورهائڻ وارا آهيو، توهان جي تقويٰ ڏسي حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي ياد تازي ٿي ويندي آهي. توهان کي ڇو نہ سيني ڪان وڌيڪ متقي ۽ پرهيزگار چوان؟ توهان هن دور جا سڀ ڪان وڏا متقي آهيو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سخت ناپسنديده ڳالھ

پيارا اسلامي ڀائرو! سيرتِ رضا جي هن تقويٰ سان ڀرپور ۽ ديني احتياطن سان لبريز پياري پياري واقعي مان اسان کي اِهو سبق مليو تہ شريعت، دين ۽ علم جون ڳالهيون صرف ٻين کي ٻڌائڻ جي لاءِ نہ، آهن پر پاڻ کي بہ انهن تي عمل ڪرڻو آهي. يعني ديني ڳالهيون ٻين تائين پهچائڻ يقيناً ضروري آهي، پر انهن تي پاڻ عمل ڪرڻ ان ڪان بہ وڌيڪ ضروري آهي. الله پاڪ قرآن

1… فيضانِ اعلی حضرت ، عادات و معمولات،صفحہ:121 مفصلاً۔

ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ۝۳

(پارو 28، سورة صف: 3)

ترجموڪنزالعرفان: الله جي ويجهو هي وڏي سخت ناپسنديده ڳالهه آهي جو توهان اهو چئو جيڪو نه ڪيو.

معلوم ٿيو ته ٻين کي واعظ ۽ نصيحت ڪرڻ، سٺيون سٺيون ڳالهيون ٻڌائڻ ۽ پاڻ انهن تي عمل نه ڪرڻ انتهائي سخت ۽ شديد ڳالهه آهي ۽ الله پاڪ کي هرگز اِهو پسند نه آهي.

## بي عَمَل واعظن جو عذاب

اهڙا واعظ ڪندڙ جيڪي پنهنجي علم تي پاڻ عمل نه ڪندا آهن، انهن جي باري ۾ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: معراج جي رات مون ڏٺو ته ڪجهه ماڻهن جا چپ باهه جي قينچين سان ڪٽيا پئي ويا، جبرائيلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام ٻڌايو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! هي اوهان جي امت جا واعظ (يعني نصيحت ڪرڻ وارا) آهن، هي اُهي ڳالهيون چوندا هئا، جن تي پاڻ عمل نه ڪندا هئا. (1)

اللّٰهُ اَکبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! هي ڪيڏو نه سخت عذاب آهي. اسان پنهنجي باري ۾ غور ڪريون، اسان مان ڪيترائي اهڙا آهن، جيڪي ٻين کي ته تمام پياريون پياريون نصيحتون ڪندا آهن. هيءَ جيڪا زبان آهي، ان جو چَسڪو ڏاڍو لذيذ هوندو آهي، جڏهن اِها هلندي آهي ته مزو اچي رهيو هوندو آهي، پر عمل...!! افسوس! عمل ته نفس تي ڳرو آهي، جيڪو پُڄندو

1… مسند ابی داود طيالسی، جلد:3، صفحه:538، حديث:2172۔

ئي نه آهي. اعليٰ حضرت رَحمَةُاللهِ عَلَيْه جي سيرت مان اسان کي اِهو سبق ملي ٿو ته اسان سنيون ڳالهيون رڳو ٻين کي ٻڌائڻ ۽ پهچائڻ تائين ئي محدود نه رهون بلڪ پاڻ به **انهن تي عمل ڪرڻ جي عادت بڻايون.**

عمل کا ہو جذبہ عطا یا الٰہی | گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سنت جا پابند

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحمَةُاللهِ عَلَيْه علم تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ وارا ۽ سنتن جا عامل هئا. "پاڻ رَحمَةُاللهِ عَلَيْه نه صرف ٻين کي سنّتن جي تعليم ڏيندا هئا، بلڪ پاڻ به هر هڪ ڪم ۾ سنّت تي عمل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش فرمائيندا هئا ۽ هو ڪهڙن ڪهڙن اندازن ۾، ڪهڙين ڪهڙين حالتن ۾ سنّتن تي عمل پيرا ٿيندا هئا؟

سيد ايوب علي صاحب رَحمَةُاللهِ عَلَيْه جو بيان آهي: هڪ ڏينهن فجر جي نماز جو وقت هو. ماڻهو جماعت جي انتظار ۾ ويٺا هئا. معمول جي خلاف اڄ اعليٰ حضرت رَحمَةُاللهِ عَلَيْه کي اچڻ ۾ ڪجهه دير ٿي وئي هئي. سڀني جون نظرون سندن گهر ڏانهن لڳل هيون. انهيءَ دوران پاڻ جلدي جلدي تشريف کڻي آيا. ان وقت مولانا قناعت علي مون کي چوڻ لڳا: هن تنگ وقت ۾ هاڻي ڏسڻو هي آهي ته اعليٰ حضرت رَحمَةُاللهِ عَلَيْه مسجد جي اندر ڀهريون ساڄو پير رکن ٿا يا کاٻو ...!! هاڻي اسان جون نظرون سندن مبارڪ پيرن ڏانهن هيون.

سُبْحٰنَ الله! قربان وڃجي! اعليٰ حضرت رَحمَةُاللهِ عَلَيْه جي سنتن سان محبت

ڪيڏي نہ نرالي هئي ◈ جڏهن مسجد جي ڏاڪڻ تي مبارڪ قدم رکيائون تہ ساڄو رکيائون ◈ جڏهن مسجد جي فرش تي قدم رکيائون تہ ساڄو قدم رکيائون ◈ فرش جي هڪ حصي کان ٻئي حصي ڏانهن قدم وڌايائون تڏهن بہ ساڄو ◈ اڳيان مسجد جي اڱڻ ۾ هڪ صف وڇايل هئي، ان تي قدم رکيائون تڏهن بہ ساڄو ◈ ۽ فقط ان تي ئي بس نہ ڪيائون پر هر صف تي اڳ ۾ ساڄو قدم ئي رکيائون ◈ ايسيتائين جو محراب ۾ تشريف ڪٽي آيا ◈ ۽ مصلي تي قدم رکيائون تڏهن بہ پهريان ساڄو قدم ئي رکيائون. (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! سنت هيءَ آهي تہ جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو تہ پهريان ساڄو قدم اندر رکو. اعليٰ حضرت رَحمَةُاللهِعَلَيْه جي سنت سان محبت ڏسو! ڪيڏي بہ جلدي هجي، ظاهري طرح بي ڌياني جو ڪيترو بہ امڪان هجي، پر سندن سوچن تي ◈ سندن عادتن تي ◈ سندن خيالات تي هر وقت سنت جا تصور ئي ڇانيل آهن ۽ اهڙي جلديءَ جي حالت ۾ بہ مسجد جي هڪ هڪ حصي ۾ ساڄي قدم سان ئي ابتدا فرمائي رهيا آهن.

ڪاش! اسان کي بہ مسجد جو اهڙو ادب نصيب ٿي وڃي، افسوس! اڄڪلهہ تہ حالتون تمام گهڻيون بگڙي چڪيون آهن. ماڻهو مسجد جي احترام کان تمام گهٽ واقف آهن ◈ مسجد ۾ داخل ٿيڻ جون سنتون ڪهڙيون آهن؟ ◈ مسجد مان ٻاهر نڪرڻ جون سنتون ڪهڙيون آهن؟ ◈ مسجد ۾ ترسڻ جون سنتون ڪهڙيون آهن؟ تمام گهٽِ ماڻهن کي انهن ڳالهين جي خبر هوندي آهي مٿان وري حالتون بہ ڏسو! ◈ ڪو مسجد ۾ ويهي دنيا جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي ◈ ڪو وڏي آواز سان رڙيون ڪري رهيو آهي ◈ ڪي وري فضول

1…فيضانِ اعلی حضرت، صفحہ:120 بتصرف۔

ڪچهرين ۾ لڳا پيا هوندا آهن◈ مسجد جي اندر موسيقيءَ واريون رِنگ ٽيون ۽ ڌنون وڄي رهيون آهن مسجد شيطان کان بچڻ جو مضبوط قلعو آهي، پر افسوس! اسان سنتن تي عمل نہ ٿا ڪريون تہ هتي بہ نفس ۽ شيطان جي چار ۾ ڦاسي پوندا آهيون. افسوس! ◈ هاڻي تہ مسجدن ۾ جهيڙا بہ ٿي پوند آهن ◈ غيبتون بہ ٿينديون آهن ◈ چغليون بہ ٿي رهيون هونديون آهن ◈ ۽ ڪرڻ وارا تہ مذاق مسخري بہ ڪري ويندا آهن. حديث پاڪ پڙهو، سوچيو ۽ ان مان عبرت حاصل ڪريو تہ اِهو ڪيڏو نہ سخت گناهہ آهي.

## اِنهن کي اللّٰہ پاڪ سان ڪو ڪم نہ آهي

◈ آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهن تي هڪ وقت اهڙو ايندو، جو مسجدن ۾ دنيا جون ڳالهيون ٿينديون. توهان انهن سان گڏ نہ ويهجو، ڇو تہ انهن کي اللّٰہ پاڪ سان ڪو ڪم نہ آهي.[1] حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلضِّحْكُ فِي الْمَسْجِدِ ظُلْمَةٌ فِي الْقَبْرِ يعني مسجد ۾ کلڻ قبر ۾ انڌيرو (آڻيندو) آهي.[2]

## مباح ڪلام نيڪين کي کائي ويندو آهي

حضرت ملا علي قاري رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: اَلْكَلَامُ الْمُبَاحُ فِي الْمَسْجِدِ مَكْرُوهٌ يَأْكُلُ الْحَسَنَاتِ يعني مسجد ۾ مباح (يعني جائز) ڳالهيون ڪرڻ مڪروهہ آهي ۽ هي نيڪين کي کائي ويندو آهي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي مسجد جو احترام ڪرڻ گهرجي◈ مسجد اللّٰہ پاڪ جو گهر آهي ◈ عبادت جي جاءِ آهي ◈اللّٰہ پاڪ جي ياد ۾ محو

1… شُعَبُ الايمان ، باب فى الصلوات، فصل المشى الى المسجد، جلد:3، صفحہ:87، حديث:2962۔
[2]جامع صغير، صفحہ:322، حديث:5231۔
3…مرقاة المفاتيح، كتاب الصلاة، باب المساجد...الخ، جلد:2، صفحہ:418، زيرِ حديث:743۔

تيڻ ◈ ۽ دنيا کان ڪنجي پنهنجي رب سان لَنؤُن لڳائڻ جي جاءِ آهي ◈ اهڙي مقدس ◈ اهڙي پاڪ ◈ ۽ انتهائي بلند رُتبي واري جاءِ تي اچي بہ اسان گناهہ ئي ڪنداسين، بي ادبيون ئي ڪنداسين، تہ پوءِ ڪٿي وڃي سڌرنداسين...؟ تنهنڪري مسجد جو احترام ڪرڻ جي عادت بڻايو.

مسجد جي آداب ۽ احترام بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياص عطار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو هڪ تمام ئي پيارو ڪتاب **فيضانِ نماز** (فيضانِ سنت جي جلد 3 جو هڪ باب) جي باب **مسجد جا فضائل** پڙهو. اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! الله پاڪ چاهيو تہ ڪافي علمِ دين سکڻ لاءِ ملندو. توهان اهو ڪتاب مکتبۃالمدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان حاصل ڪري سگهو ٿا، يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان مفت (فري) ڊائون لوڊ ڪريو. پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ساڄي هٿ سان ڏيتي ليتي ڪندا هئا

اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت، امام احمد رضا خان رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي عادت مبارڪ هئي تہ هميشہ ساڄي هٿ سان ئي ڪا شيءِ ڏيندا ۽ وٺندا هئا. مَلِكُ العُلَماء، خليفا ۽ شاگردِ اعليٰ حضرت، مفتي سيد محمد ظفر الدين بهاري رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي ڪتاب **حياتِ اعليٰ حضرت** ۾ لکن ٿا: جيڪڏهن ڪنهن کي ڪا شيءِ ڏيڻي هوندي هئي ۽ وٺڻ وارو کاٻو هٿ اڳتي وڌائيندو هو تہ اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فوراً پنهنجو هٿ روڪي ڇڏيندا هئا ۽ کيس فرمائيندا هئا:

ساڃي هٿ سان ونو، ڇو ته کاٻي هٿ سان شيطان وٺندو آهي.[1]

سنّتِ نبوی کا تھا اِظہار یہ اِک اِک عمل | وہ نِفاذِ شرعِ اسلامی میں کرتے تھے پہل
اَلغَرض وہ تھے صفاتِ عالیہ سے مُتَّصِف | اُن کا ہر سیرت نگار اِس کا رہا ہے مُعْتَرِف
اصل میں وہ تھے تَصَوُّف اور طریقت کے امیں | پھر نہ کیوں ہو اُن کی ہستی قابلِ صد آفریں
تھا نہ تھوڑا بھی تَضاد اقوال اور افعال میں | سنتِ نبوی کی کرتے پیروی ہر حال میں

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ننڍي هوندي کان ئي باعَمَل

پيارا اسلامي ڀائرو! اولياءِ ڪرام جي هڪ جماعت آهي، جنهن کي قُطبُ الاِرشاد چيو ويندو آهي.

**قُطب:** ولايت جو هڪ درجو آهي. اهو وليءِ ڪامل، جيڪو طريقت جي سيني مقامات جو جامع هجي، ان کي **قُطب** چيو ويندو آهي. قُطب پنهنجي زماني جي سمورن ولين ۾ منفرد شان وارو هوندو آهي، ان کي غوث پڻ چيو ويندو آهي، ارشاد جو مطلب آهي: نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ. ◈ برائيءَ کان منع ڪرڻ ◈ ماڻهن جي عقيدن جي اصلاح ڪرڻ ◈ عملن جي اصلاح ڪرڻ ◈ معاشري ۾ موجود برائين کي درست ڪرڻ اِهو سڀ ڪجهه هن ارشاد جي دائري ۾ اچي ٿو. هاڻي قُطبُ الاِرشاد جو مطلب ٿيندو: پنهنجي زماني جو سڀ کان وڏو مُصْلِحِ مِلّت (يعني امت جي اصلاح ڪرڻ وارو) ۽ پنهنجي دور جي ولين جو

1... حياتِ اعلیٰ حضرت،جلد:1، صفحہ:189۔

سردار. [1] ۽ اعليٰ حضرت رَحمَةُاللهِعَلَيْه پنهنجي دور جا قُطبُ الِارشاد هئا. [2]

ان جا آثار ننڍپڻ کان ئي ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويا هئا. پاڻ ننڍپڻ ئي کان پاڻ بہ باعمل هئا ۽ ٻين کي بہ باعمل بڻجڻ جي تبليغ فرمائيندا هئا. سندن ننڍپڻ جو هڪ واقعو مشهور آهي، هڪ ڀيري استاد صاحب مدرسي ۾ ٻارن کي سبق پڙهائي رهيا هئا. اعليٰ حضرت رَحمَةُاللهِعَلَيْه بہ انهن ئي ٻارن سان گڏ سبق پڙهي رهيا هئا، ايتري ۾ هڪ ٻار ڪلاس ۾ داخل ٿيو. ان استاد صاحب کي سلام ڪيو، استاد صاحب جي زبان مان نڪتو: جيتے رہو (شال وڏي ڄمار ماڻين) اِهو ٻڌي اعليٰ حضرت رَحمَةُاللهِعَلَيْه متوجهہ ٿيا ۽ استاد صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيائون: استادِ محترم! سلام جي جواب ۾ تہ وَعَلَيْكُمُ السَّلَام چوڻ گهرجي.

استاد صاحب بہ نيڪ انسان هئا. هنن ننڍڙي مبلغ جي زبان مان اصلاحي ڳالهہ ٻڌي تہ ناراض نہ ٿيا، پر خوش ٿي، پنهنجي هونهار شاگرد کي ڪوڙ ساريون دعائون ڏنائون. [3]

وہ جس کے زُہد و تقویٰ کو سراہا شان والوں نے

کہا یُوں پیشواؤں نے ہمارا پیشوا تم ہو

حقیقت ہے ملے ہیں دین و ایماں آپ کے گھر سے

شریعت کے مُحافِظ اے شہِ احمد رضا تم ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1…فتوحات، جلد:3، صفحہ:297۔

2… فيضانِ اعلی حضرت ،صفحہ: 324 بتغير۔

3… حياتِ اعلی حضرت ،جلد:1 ،صفحہ:107 بتغير ۔

## سادگي ۽ عاجزيءَ وارا

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت مالڪ بن دينار رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا:

اِنَّ الْعَبْدَ اِذَا طَلَبَ الْعِلْمَ لِلْعَمَلِ كَسَرَهٗ عِلْمُهٗ

**ترجمو:** بيشڪ جڏهن ٻانهو علم کي عمل ڪرڻ جي نيت سان حاصل ڪندو آهي ته ان جو علم ان کي عاجزي ۽ نوڙت ڪرڻ وارو بڻائي ڇڏيندو آهي.

جڻ ته مخلص عالم وٽ جيتري قدر علم هوندو، هو اوتري ئي عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪندڙ هوندو. اسان جا پير ۽ مرشد اعليٰ حضرت رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ جن جا مڃڻ وارا ۽ چاهڻ وارا ڪروڙن جي تعداد ۾ آهن. ◈ اندازي موجب 100 کان وڌيڪ علوم جا ماهر ◈ لڳ ڀڳ هڪ هزار ڪتابن جا مصنف ◈ قرآن ڪريم جو ترجمو ڪنزالايمان شريف ◈ فقه حنفيه جو 33 جلدن تي مشتمل انسائيڪلوپيڊيا فتاويٰ رضويه ◈۽ حدائقِ بخشش، جن جي قلم جو شاهڪار آهي. ان سڀني جي باوجود پاڻ نهايت سادي طبيعت وارا، بيحد عاجزي ۽ انڪسار ڪرڻ وارا هئا. پاڻ رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ ٺٺ ٺانگر واري زندگيءَ کان ڪوهين ڏُور هئا. پاڻ ڪڏهن قيمتي لباس، قيمتي عَبايا قيمتي عمامو استعمال نه ڪندا هئا ۽ نه ئي خاص مشائخانه انداز رکڻ وارا هئا. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن پاڻ رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ جي ذات کان ناواقف ماڻهو ڪين سڃاڻڻ ۾ غلطي ڪري وجهندا هئا.

(حیاتِ اعلیٰ حضرت،94/1 بتصرف)

مصطفٰے کا وہ لاڈلا پیارا
غوث اعظم کی آنکھ کا تارا

واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی
واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

اس کی ہستی میں تھا عمل جَوہر
سنّتِ مصطفٰے کا وہ پیکر
عالِمِ دین، صاحبِ تقویٰ
واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی (1)

## هلڻ جو انداز

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ عِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِیْنَ یَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا

(پارو 19، سورة فرقان: 63)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ رحمٰن جا اهي ٻانها جيڪي زمين تي آهستي هلندا آهن.

يعني ڪامل ايمان وارن جو پنهنجي نفس سان اهو معاملو هوندو آهي جو اُهي اطمينان ۽ وقار سان، شانِ عاجزيءَ سان زمين تي آهستي آهستي هلندا آهن. تڪبر واري انداز سان جوتا کڙڪائيندي، پير زور سان زمين تي هڻندي ۽ اَڪڙ ڪندي نہ هلندا آهن.[2]

اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جو هن آيت تي پورو پورو عمل هو. پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جڏهن هلندا هئا تہ نهايت عاجزي ۽ انڪساريءَ سان هلندا هئا. منقول آهي تہ جڏهن پاڻ مسجد مان فارغ ٿي واپس تشريف کڻي ويندا هئا تہ نهايت آهستي آهستي قدم کڻندا هئا، ائين معلوم ٿيندو هو جڻ پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه هر قدم تي ڪجھ پڙهندا وڃي رهيا آهن. هلڻ وقت اڪثر نظرون جهڪائي رکندا هئا، پر ڪڏهن ڪڏهن سامهون بہ ڏسندا هئا.[3]

---

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:575 ملتقطاً۔
[2] صراط الجنان، پارہ:19، سورۂ فرقان، زیرِ آیت:63، جلد:7، صفحہ:49۔
[3] فیضانِ اعلی حضرت،صفحہ:108 ۔

حُسنِ سیرت سے مُزَیَّن تھے امام احمد رضا
اُن کی جملہ خوبیوں پر خوبیوں کو نَاز تھا

مُنْفَرِد اُن کے خَصائل اور نرالی تھی ادا
کیونکہ اُن کی زندگی کا مُنْفَرِد انداز تھا

## عاجزي ۽ انڪساريءَ سان بلندي ملندي آهي

ڪاش! اسان کي به عاجزي ۽ انڪساري نصيب ٿي وڃي ◈ اسان کي تمام وڏا عالم فاضل به نه آهيون ◈ تمام وڏا عبادت گذار به نه آهيون ◈ جيڪڏهن انصاف سان پنهنجو جائزو وٺون ته شايد ڪا هڪ به فضيلت واري ڳالهه پنهنجي اندر نظر نه اچي، پر افسوس! سراپا گناهه هئڻ جي باوجود اسان پاڻ کي نه ڄاڻ ڇا سمجهي وينا آهيون. ڪاش! اسان پنهنجو پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ ڇڏي ڏيون. ڪاش! ڪنڌ جهڪائڻ، پاڻ کي بلڪل ناڪاره ۽ نِڪمو سمجهڻ ۽ پوءِ ان جي مطابق نهايت عاجزيءَ سان زندگي گذارڻ نصيب ٿي وڃي. حديث پاڪ ۾ آهي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَاتَوَاضَعَ أَحَدٌ لِلّٰهِ إِلَّا رَفَعَهُ اللّٰهُ يعني جيڪو الله پاڪ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪندو آهي، الله پاڪ ان کي بلندي عطا فرمائي ڇڏيندو آهي. (1) هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ فرمايائون: اَلتَّوَاضُعُ لَا يَزِيدُ الْعَبْدَ إِلَّا رِفْعَةً، فَتَوَاضَعُوا يَرْفَعُكُمُ اللّٰهُ يعني عاجزي ٻانهي کي فقط بلندي ئي عطا ڪندي آهي، تنهنڪري عاجزي ڪندا ڪريو! الله پاڪ توهان کي بلند رُتبو عطا فرمائي ڇڏيندو. (2) الله پاڪ اسان سڀني کي عاجزي اختيار ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…مسلم، كتاب البر و الصلة، باب استحباب العفو...الخ، صفحه:1002، حديث:2588۔
2…الترغيب لابن شاہين، باب فضل التواضع...الخ، صفحه:80، حديث:236۔

## وفات تائين صاحبِ ترتيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي سڄي زندگي علم ۽ عمل جو آئينو آهي. پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه کي نماز سان خاص محبت ۽ رغبت هئي، اِهو ئي سبب هو جو اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيه نہ رڳو پاڻ باجماعت نماز جي پابندي فرمائيندا هئا، پر پنهنجن مريدن ۽ متعلقين ۾ بہ باجماعت نماز جو جذبو خوب بيدار ڪندا هئا. ان سلسلي ۾ تربيت فرمائيندي ارشاد فرمائن ٿا تہ پنجن ئي نمازن جي پابندي نهايت ضروري آهي، مردن لاءِ مسجد ۾ جماعت جي پابندي بہ واجب آهي. بي نمازي مسلمان جڻ تہ تصوير نما انسان آهي. ظاهري صورت انسان جي، پر انسان وارو ڪو ڪم نہ. بي نمازي اهو نہ آهي جيڪو ڪڏهن بہ نماز نہ پڙهي، پر جيڪو جاڻي واڻي هڪ وقت جي نماز بہ ڇڏي ڏئي، اهو بہ بي نمازي آهي. (فيضانِ اعلیٰ حضرت،ص353۔ بتغير قليل)

پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه باجماعت نماز جو ڪيتري قدر اهتمام فرمائيندا هئا، ان جي باري ۾ مولانا حسنين رضا خان رَحمَةُ اللهِ عَلَيه لکن ٿا تہ سندن هم عُمر ۽ ڪجهہ وڏن جي بيانن مان معلوم ٿيو تہ پاڻ شعور جي شروعات کان ئي باجماعت نماز جا سخت پابند رهيا. يعني بالغ ٿيڻ کان اڳ ئي پاڻ صاحبِ ترتيب ماڻهن ۾ شامل ٿي چڪا هئا ۽ وفات تائين صاحبِ ترتيب ئي رهيا. (فيضانِ اعلیٰ حضرت، ص 86)

## صاحبِ ترتيب هئڻ جو مطلب

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي اعليٰ حضرت جو. اسان جا امام ننڍپڻ کان وٺي آخري وقت تائين صاحبِ ترتيب رهيا. جنهن شخص جون 6 کان گهٽ نمازون قضا ٿيون هجن ان کي صاحبِ ترتيب چيو ويندو آهي.[1]

[1] رد المحتار ، كتاب الصلاة، باب قضاء الفوائت، مطلب: فى تعريف الاعادة، جلد:2، صفحہ:638۔

خوب سختی سے اصولِ دیں پہ کرتے تھے عمل
استقامت ہی تھا ان کی زندگی کا ما حصل
معرفت کے نور سے روشن کیا قلبی نظام
وقت پر ہر فرض ہر واجب کا رکھا اہتمام
ہر ادا تھی مصطفٰی کے عشق کی آئینہ دار
یعنی ان کی شخصیت تھی ہر طرح سے بے غبار

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت امت جا خير خواهہ

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحمَةُاللهِعَلَيْه امت جا خيرخواهہ آهن. سندن سيرت پاڪ پڙهي وجي تہ شروع کان آخر تائين سندن سجي زندگي امت جي خيرخواهي، ڀلائي ۽ ترقي لاءِ وقف نظر اچي رهي آهي.

سندن خيرخواهيءَ جي جذبي جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳايو تہ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحمَةُاللهِعَلَيْه لڳ ڀڳ **1 هزار ڪتاب** تصنيف فرمايا آهن. پاڻ روزانو صرف ڏيڍ ڪلاڪ آرام فرمائيندا هئا. (1) بقايا سمورو وقت تصنيف، تاليف، اُمت جي خيرخواهي، ڀلائي، اصلاح ۽ ٻين ديني ڪمن ۾ صرف ڪندا هئا.

## مسلمانن جي خيرخواهيءَ متعلق نصيحتون

مسلمانن سان خيرخواهي، ڀلائي ۽ همدردي ڪرڻ جي باري ۾ اعليٰ حضرت رَحمَةُاللهِعَلَيْه جون ڪجهہ نصيحتون پڙهو: پاڻ رَحمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا ◈ مسلمان جي اِعانت، يعني سندس مدد ڪرڻ، الله پاڪ کي نهايت پسند آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ پنهنجي ٻانهي جي ان وقت تائين مدد فرمائيندو رهندو

1… فيضانِ اعلی حضرت، صفحہ:108۔

آهي، جيسيتائين هُو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي مدد ڪندو رهندو آهي ◈ بغير تحقيق جي ڪنهن مسلمان ڏانهن گناهه جي نسبت ڪرڻ حرام آهي ۽ جهنم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي. (يعني اسان بغير تحقيق جي فقط ٻڌل ٻڌايل ڳالهين جي بنياد تي اِهو نه ٿا چئي سگهون ته فلاڻو ڪوڙو آهي، فلاڻو بي نمازي آهي يا فلاڻو وياج خور آهي. اسان کي هميشه پنهنجي مسلمان ڀائرن بابت حُسنِ ظن رکڻ گهرجي) ◈ مسلمان جي توهين ڪرڻ حرام آهي ◈ بغير ڪنهن سبب جي ڪنهن جاهل مسلمان کي به گار ڏيڻ يا سندس توهين ڪرڻ حرام آهي ◈ مسلمان ڀاءُ سان 3 ڏينهن کان وڌيڪ ڳالهه ٻولهه بند رکڻ ناجائز ۽ حرام آهي ◈ مسلمان ڀاءُ جي توبهه (يعني معافي) قبول ڪرڻ واجب آهي. (يعني ڪنهن مسلمان ڀاءُ کان ڪا غلطي ٿي وئي ۽ هاڻي هُو اسان کان معافي گهري رهيو آهي ته اسان اِهو نه ٿا چئي سگهون ته هُو دل سان معافي نه گهري رهيو آهي، اسان تي لازم آهي ته سندس معافي قبول ڪريون) (1)

## اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جو خير خواهي ڪرڻ جو انداز

اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جو خيرخواهيءَ ڪرڻ جو انداز ڏسو! ◈ سندن مبارڪ عادت هئي ته هر سال سياري جي موسم ۾ نيون سَوِڙيُون سِبرائي غريبن ۾ ورهائيندا هئا. هڪ ڀيري سياري جي موسم ۾ پاڻ سَوڙيون ورهائي چڪا هئا، پنهنجي لاءِ به نه رکي، سندن ننڍي ڀاءُ مولانا محمد رضا خان رَحمَةُ اللهِ عَلَيه انهن جي لاءِ هڪ خاص (*Special*) سَوَڙِ نهرائي. پاڻ اجان اُها اوڍي ئي هئائون ته ڪنهن اچي سوال ڪيو، پاڻ فوراً پنهنجي اُها سَوَڙِ لاهي ان غريب کي عطا فرمائي ڇڏيائون. (2) ◈ جناب ذڪاءُ الله صاحب اعليٰ حضرت رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جا خادم هئا. هڪ ڀيري

---

1… فيضانِ اعلیٰ حضرت (عیسیٰ رضوی)، صفحہ:197-200 ملتقطاً.

2… فيضانِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:175-176.

سياري جي موسم هئي، اعليٰ حضرت رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ گرم چادر ويڙهي ركي هئي. مغرب جي نماز ادا ڪري مسجد مان ٻاهر تشريف کڻي آيا، ڏٺائون ته ذڪاءُ الله صاحب وٽ گرم چادر نه هئي. اعليٰ حضرت رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ فوراً پنهنجي چادر لاهي پنهنجي خادم کي عطا فرمائي ڇڏي. هن واقعي کان 2 يا 3 ڏينهن پوءِ اعليٰ حضرت رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ لاءِ نئين چادر تيار ڪئي وئي. قربان وڃجي! پاڻ اها نئين چادر اوڍي مسجد ۾ ويا، اتي هڪ مسافر کي ڏٺائون، جنهن وٽ گرم چادر نه هئي. پاڻ پنهنجي اها نئين چادر لاهي ان اڻڄاتل مسافر کي عطا فرمائي ڇڏيائون. (1)

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو نه عظيم شان آهي، ڪيڏيون نه سخاوتون آهن! پاڻ کي سردي لڳندي، پاڻ کي تڪليف ٿيندي، ان جي ڪا به پرواهه نه آهي. مسلمان ڀاءُ مشڪل ۾ نه اچي، ان جي ڪيتري قدر فڪر آهي.

اعليٰ حضرت رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہجو هڪ ٻيو مبارڪ انداز ڏسو! پاڻ پنهنجن ◈ عزيزن ◈ قريبن ◈ دوستن ◈ ۽ خاص خاص مريدن جي نالن جي هڪ ڊگهي فهرست تيار ڪري رکي هئائون. فجر جي نماز کان پوءِ پنهنجن اوراد ۽ وظائف جي آخر ۾ انهن سيني جا نالا کڻي سندن حق ۾ دعا فرمائيندا هئا. سيد ايوب علي صاحب ارشاد فرمائن ٿا ته هڪ ڏينهن مان تمام گهڻو پريشان هئس، اعليٰ حضرت رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ جي بارگاهه ۾ دعا لاءِ عرض ڪيو. پاڻ دعا فرمايائون ۽ ان سان گڏوگڏ مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ سيد قناعت علي کي فرمايائون: توهان ٻنهي جا نالا به مون دعا واري فهرست ۾ شامل ڪري ڇڏيا آهن، جيڪا آهستي آهستي تمام گهڻي ڊگهي ٿي وئي آهي. اهي سڀ نالا مون کي ياد آهن، مان روزانو سيني جا نالا کڻي انهن جي

1… فيضانِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:176۔

لاءِ دعا ڪندو آهيان. (1)

مصطفیٰ کا دُلارا ہمارا رضا
غوثِ اعظم کا پیارا ہمارا رضا

جس کو سب اچھّے کہتے ہیں اچھّے میاں
ہے اس اچھّے کا اچھّا ہمارا رضا

غم نہیں حشر سے مجھ کو کچھ اے مُحِبّ!
ہے مدد کرنے والا ہمارا رضا

الله پاڪ اسان کي مسلمانن جي خيرخواهي ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْنْ بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ سان محبت ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو تہ امام احمد رضا خان رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هڪ زبردست باعمل عالمِ دين هئا. اسان کي گهرجي تہ اهڙي باڪردار عالمِ دين سان محبت ڪريون، ڇوتہ اهڙن سان تہ الله پاڪ بہ محبت فرمائيندو آهي. روايت ۾ اچي ٿو: الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ اي ابراهيم (عَلَيْهِ السَّلَام)! اِنِّي عَلِيمٌ اُحِبُّ كُلَّ عَلِيمٍ يعني: علم منهنجي صفت آهي ۽ مان هر علم واري سان محبت ڪندو آهيان. (2)

ياد رکو! عالم جي محبت ٻانهي کي ديندار ٻڻائي ڇڏيندي آهي. مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ، شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰہُ عَنْہ جو فرمان آهي: مَحَبَّةُ الْعَالِمِ دِيْنٌ يُّدَانُ بِهٖ يعني: عالم سان محبت ڪرڻ دين مان آهي، ۽ اِها محبت انسان کي دين جي ويجهو ڪندي آهي. (3)

---

1⋯ فيضانِ اعلى حضرت ، صفحہ:180۔
2⋯جامع بيان العلم و فضلہ، جلد: 1، صفحہ:209، حديث:236۔
3⋯ الجليس الصالح الكافى والانيس الناصح الشافى، صفحہ:584۔

## عاشقِ رسول کي سڃاڻ جو نرالو انداز

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت جي محبت، سُنِيَت جي علامت آهي. عاشقِ رسول هجڻ جي علامت آهي. مکي مکرمه ۾ مالکي فقہ جا هڪ عظيم مفتي هئا، علامہ شيخ سيد محمد علوي مالکي رَحمَۃُاللہِ عَلَيْہ. پاڻ فرمائن ٿا: **مولانا احمد رضا خان بريلي سان محبت، سُنِيَت جي علامت آهي ۽ انهن سان بغض ۽ عداوت بدعت جي علامت آهي.** (1)

حضرت علامہ قادر بخش سَهسرامي رَحمَۃُاللہِ عَلَيْہ تمام وڏا عالمِ دين ٿي گذريا آهن. هڪ ڀيري ماڻهن کانئن پڇيو تہ اسان کي عاشقِ رسول سُنِي ۽ بدمذهب جي سڃاڻپ جو کو آسان طريقو ٻڌايو. پاڻ رَحمَۃُاللہِ عَلَيْہ فرمايائون: جنهن شخص جي باري ۾ هي معلوم ڪرڻو هجي تہ هُو بدمذهب آهي يا عاشقِ رسول آهي تہ ان جي سامهون مولانا احمد رضا خان صاحب جو ذڪر شروع ڪري ڇڏيو! **جيڪڏهن سندس چهرو خوشيءَ وِچان ٻهڪي پوي تہ يقين ڄاڻو تہ اهو عاشقِ رسول سني آهي ۽ جيڪڏهن ان جو چهرو لهي وڃي تہ پڪ ڄاڻو تہ اهو بدمذهب آهي.** (2)

جلوہ ہے نور ہے کہ سراپا رضا کا ہے | تصویرِ سُنِّیت ہے کہ چہرہ رضا کا ہے
اس دورِ پُر فتن میں نظر خوش عقیدگی | سرکار کا کرم ہے وسیلہ رضا کا ہے

**وضاحت:** حضور اعليٰ حضرت رَحمَۃُاللہِ عَلَيْہ جو جسم مبارڪ اللہ پاڪ جي انوار ۽ تجليات جو مظهر آهي ۽ سندن چهرو مبارڪ سُنِيَت جي سڃاڻپ آهي. اللہ پاڪ جي فضل سان جيڪڏهن اڄ اسان کي سنو عقيدو حاصل آهي تہ اهو پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي ڪرم ۽ اعليٰ حضرت رَحمَۃُاللہِ عَلَيْہ جي وسيلي سان حاصل آهي.

اللہ پاڪ اسان کي اعليٰ حضرت رَحمَۃُاللہِ عَلَيْہ جي محبت نصيب فرمائي، ۽ سندن

---

1…جہانِ امام احمد رضا، جلد:14، صفحہ:40 ملخصاً۔
2…حیاتِ اعلیٰ حضرت، جلد:3، صفحہ:274 ملخصاً۔

برڪت سان اسان کي بہ باعمل، باڪردار، سچو ۽ پڪو عاشقِ رسول بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

پيارا اسلامي ڀائرو! محبتِ علماء ۽ اولياء حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. **12** ديني ڪمن ۾ حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جون خوب برڪتون نصيب ٿينديون. **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم **هفتيوار اجتماع** بہ آهي.

**اوهان کي گذارش آهي تہ** هفتيوار اجتماع ۾ پابنديءَ سان شرڪت ڪندا ڪريو! ◈ ديني اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ وارن ۽ ذڪر ڪرڻ وارن جو پنهنجو تہ ڇا شان هوندو، جڏهن تہ حديث پاڪ مطابق جيڪو انهن وٽ ويهندو آهي، اهو بہ بدبخت نہ رهندو آهي. (1)

الحمدلله! هفتيوار اجتماع ۾ ◈ ذڪر ٿيندو آهي ◈ علمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو آهي ◈ نيڪ صحبت ۾ ويهڻ ◈ ۽ مسجد ۾ وقت گذارڻ نصيب ٿيندو آهي ◈ هڪ اهم برڪت هيءَ بہ آهي تہ ديني اجتماع لاءِ گهر کان نڪرڻ بہ راهِ خدا ۾ نڪرڻ آهي. هفتيوار اجتماع ۾ تشريف ڪٽي ايندا تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! گهر مان نڪرڻ کان وٺي واپس اچڻ تائين سمورو وقت راهِ خدا ۾ شمار ٿيندو. هر خميس تي پابنديءَ سان هفتيوار اجتماع ۾ شروع کان آخر تائين شرڪت جي نيت ڪري ڇڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1… مسلم، صفحہ:1037، حديث:2689۔

## فتاويٰ رضويہ موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمدُ لله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپلي ڪيشن **فتاويٰ رضويہ** (*Fatawa Razwia*)جي نالي سان جاري ڪئي آهي ◈ هن ايپلي ڪيشن ۾ فتاويٰ رضويہ جا سيئي جلد شامل آهن، ۽ هر جلد جي هيٺان رسالن ۽ موضوعن جي مختصر فهرست بہ شامل ڪئي وئي آهي ◈ فتاويٰ رضويہ جي سمورن رسالن (جيڪي اعليٰ حضرت پڇا ڪيل سوالن جي جواب ۾ تحرير فرمايا هئا انهن) جي الڳ فهرست بہ موجود آهي ◈ هن ايپلي ڪيشن ۾ هڪ تمام عمده فيچر ايڊوانس سرچ (*Advanced Search*)جو بہ آهي، جنهن جي ذريعي پنهنجي گهربل ڳالهہ آسانيءَ سان ڳولي سگهجي ٿي. ڪنهن خاص جلد يا خاص رسالي ۾ بہ ڳولڻ جي سهولت موجود آهي ◈ جلد کي منتخب ڪري ان ۾ گهربل صفحي تي پهچي سگهجي ٿو ◈ لفظن جي فونٽ سائز بہ پنهنجي مرضي مطابق تبديل ڪري سگهجي ٿي◈ ايپلي ڪيشن ۾ پسنديده ڳالهہ کي نوٽس جي فيچر ۾ لکي محفوظ ڪري سگهجي ٿو، پسنديده لسٽ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو ۽ شيئر بہ ڪري سگهجي ٿو.

## ڪجهہ ضروري اعلانات

◈ هر ڇنڇر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن. ايندڙ ڇنڇر تي بہ عشاء جي نماز کان پوءِ تقريباً 9 لڳي 45 منٽن تي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا.

سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ◈ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العاليه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي ”**امام غزالي جون سونهري ڳالهيون**“ جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اُهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻين سان بہ شيئر(*Share*) ڪريو ◈ مڪتبة المدينہ حضرت داتا گنج بخش علي هجويري رَحمةُاللهِعَلَيْه جي سيرت ۽ ڪرامات تي مشتمل هڪ زبردست رسالو **فيضانِ داتا علي هجويري** جي نالي سان شايع ڪيو آهي. هي رسالو مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **55 روپيين** ۾ خريد فرمائي، پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجهہ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

1…تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343.

## تواضع (عاجزي) ڪرڻ سنت آهي

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **(1):** جيڪو الله پاڪ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪندو آهي، الله پاڪ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي.[1] **(2):** افضل عبادت تواضع (يعني عاجزي) آهي.[2]

**اي عاشقانِ رسول!** تواضع، يعني عاجزي ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ آهي ◈ اسان جا آقا و مولا، محمدِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تمام بلند رتبي وارا آهن. الله پاڪ کان پوءِ سڀ کان اعليٰ مقام سندن ئي جو آهي. ان سان گڏوگڏ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عاجزي جو شان بہ جَڳَ کان نرالو هو. الله پاڪ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اختيار ڏنو تہ چاهيو تہ شاهانہ زندگي گذاريو ۽ جيڪڏهن چاهيو تہ بندگي واري ۽ فقر واري زندگي اختيار ڪريو. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بندگي واري ۽ فقر واري زندگي اختيار فرمائي ◈ خادمن سان گڏ ويهي کاڌو تناول فرمائيندا هئا ◈ غلامن جون دعوتون قبول فرمائيندا هئا ◈ مسڪينن جي عيادت فرمائيندا هئا ◈ فقيرن سان گڏ ويهندا هئا ◈ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم سان مِلي جُلي رهندا هئا ◈ پنهنجا ڪم پاڻ پنهنجن مبارڪ هٿن سان ڪندا هئا ◈ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم اڳتي وڌي خدمت ڪرڻ چاهيندا هئا تہ ڪين فرمائيندا هئا: اِهو سچ آهي تہ اوهان منهنجا سڀ ڪم ڪري ڇڏيندا، پر مون کي اهو پسند نہ آهي تہ مان اوهان جي وچ ۾ ڪنهن امتيازي شان سان رهان.[3]

| | |
|---|---|
| کبھی جَو کی موٹی روٹی تو کبھی کھجور پانی | ترا ایسا سادہ کھانا مدنی مدینے والے |
| ہے چٹائی کا بچھونا کبھی خاک ہی پہ سونا | کبھی ہاتھ کا سِرہانا مدنی مدینے والے |

1…جَامِع صَغِير، صفحه:522، حديث:8605-
2…شُعَبُ الْاِيْمَان، فصل:فی التواضع، جلد:6، صفحه:278، حديث:8148-
3…سيرت مصطفٰی، صفحه:606-609-

تِری سادگی پہ لاکھوں تِری عاجزی پہ لاکھوں | ہوں سلام عاجِزانہ مدنی مدینے والے

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ڪيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چَشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو[1]

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…وسائل بخشش، صفحہ:669۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

---

1... القول البديع، الباب الثانى، ص277
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (1)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (2)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (3)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455